شعبان المعظم 1444ھ/مارچ 2023ء

ماہوار

# فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی

ویب ایڈیشن



# الله پاڪ جو پيارو ڪيئن بڻجون؟

مفتي ابو صالح محمد قاسم عطاري

الله پاڪ جو ارشاد آهي:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (۳۱)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي حبيب! اوهان فرمايو ته اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪيو ٿا ته منهنجا فرمانبردار بڻجي وڃو الله توهان سان محبت ڪندو ۽ توهان جا گناهه بخشي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي.

**تفسير:** ڪجھ ڪافر الله پاڪ سان محبت ڪرڻ جي دعوا ڪندا هئا، انهن جي باري ۾ الله پاڪ پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان فرمايو ته اوهان انهن کي فرمايو: جيڪڏهن توهان الله پاڪ سان محبت ڪيو ٿا ته منهنجي پيروي ڪيو ڇوته محبت الٰهي جي دعوا ۾ سچائي جي علامت ئي اها آهي، ان کان سواءِ توهان جي دعوا قابلِ قبول ناهي، جيڪڏهن توهان منهنجي پيروي ڪندؤ ته توهان تي الله پاڪ جي خاص عنايت اها ٿيندي ته خود رب تعالٰي توهان کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو ۽ توهان جي لاءِ توهان جا گناهه بخشي ڇڏيندو ۽ الله پاڪ جو شان اهو آهي ته هُو بخشيندڙ مهربان آهي.

هن مان ٻن ڳالهين جي خبر پئي:

(1) هر شخص تي اهو لازم آهي ته اهو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اتباع ۽ پيروي ڪري. حضرت جابر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حضرت سيدنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ حاضر ٿي عرض ڪيو: اسان يهودين جون ڪجھ ڳالهيون ٻڌندا آهيون جيڪي اسان کي چڱيون لڳنديون آهن ڇا اوهان اجازت ڏيو ٿا ته ڪجھ لکي به وٺندا ڪيون؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ڇا توهان يهودين ۽ عيسائين وانگر حيران آهيو! مان توهان وٽ روشن ۽ صاف شريعت کڻي آيو آهيان ۽ جيڪڏهن اڄ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام به زنده هجن ها ته اهي به

منهنجي پيروي ڪرڻ بغير رهي نہ سگهن ها.

(2) رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي پيري ڪرڻ واري تي الله تعالٰي جون بہ خصوصي عنايتون هونديون، هڪ هي تہ الله تعالٰي ان کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو. ٻي هي تہ الله پاڪ ان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو.

لهٰذا جيڪو محبوبِ الٰهي بڻجڻ ۽ گناهن جي مغفرت ڪرائڻ چاهي ٿو ان کي گهرجي تہ پنهنجي تمام قولن ۽ فعلن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي ڪامل پيروي ڪري.

ترغيب جي لاءِ هتي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ جي اتباعِ رسول جا بہ بيمثال واقعا بيان ڪيان ٿو.

(1) حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه هڪ پيري پاڻي گهرايو ۽ وضو ڪيو، پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه مسڪرائڻ لڳا ۽ ساٿين کي فرمايو: هڪ پيري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم هن جاءِ تي وضو فرمايو ۽ فراغت کان بعد مسڪرايو هو (تہ مون سندن ادا کي ادا ڪيو)

(مسند امام احمد،1/130،حديث:415)

(2) حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا هڪ جاءِ تي پنهنجي ڏاچي کي چڪر لڳرائي رهيا هئا. ماڻهن هن کان ان جو سبب پڇيو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: ”مان (هن جي حڪمت) نٿو ڄاڻان، پر هن جاءِ تي مون تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کي ائين ڪندي ڏٺو هو ان ڪري مان بہ ائين ڪري رهيو آهيان.

الله پاڪ اسان کي بہ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪامل پيروي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين.

# دارالافتاء اهلسنّت

مفتي محمد قاسم عطاري

## (1) ڇا نابالغيءَ ۾ ٽوڙيو ويندڙ روزو قضا ڪرڻو پوندو؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالمَ ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته اسان جي معاشري ۾ نابالغ ٻارن کان اڪثر روزا رکرايا ويندا آهن، پر روزي جي دوران ٻارن جي بي چيني ۽ سخت اڃ لڳڻ سبب انهن جو روزو کولايو ويندو آهي. ڇا ٻارن جي ائين روزو کولائڻ سان انهن تي بالغ ٿيڻ کان بعد ان روزي جي بدلي قضا روزو رکڻ ضروري هوندو.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

نابالغ ٻار روزو رکي ٽوڙي ڇڏي ته ان تي ٽنل روزي جي بدلي قضا روزا رکڻ لازم ناهي.

## تراويح دوران ٽي ڀيرا سورت اخلاص پڙهڻ جو حڪم؟

(2) **سوال** تراويح دوران جڏهن ختمِ قرآن پاڪ ٿيندو آهي، ته سورت اخلاص ٽي ڀيرا پڙهي ويندي آهي. هن حوالي سان شرعي رهنمائي فرمايو ته ائين ڪرڻ ڪيئن؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

تراويح ۾ جڏهن ختمِ قرآن پاڪ ڪيو وڃي، ته مستحب ۽ بهتر اهو آهي ته سورت اخلاص ٽي ڀيرا پڙهي وڃي جو هن سان هڪ قرآن پاڪ جو ثواب ملندو آهي، ڇو ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سورت اخلاص کي ٽهائي قرآن پاڪ جي برابر قرار ڏنو آهي، يعني ٽي ڀيرا سورت اخلاص پڙهڻ کان هڪ قرآنِ پاڪ جو ثواب ملندو آهي. پڻ نفل نماز جي هڪ رڪعت ۾ هڪ ئي آيتِ ڪريمه جي تڪرار به نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ثابت آهي ۽ ڇو ته تراويح به نفل نماز آهي، تنهنڪري هن ۾ سورت اخلاص جي تڪرار بغير ڪراهت جي جائز آهي، باقي فرضن ۾ بغير عذر ڪنهن سورت جي تڪرار مڪروه آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عليه واٰلہٖ وسلَّم

(3) ڇا شهر جي حد ختم ٿيڻ ۾ ٽول پلازه جو اعتبار آهي؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته شهر جي حد جتان ختم ٿيندي آهي، اتان کان مسافت جو آغاز ٿيندو آهي، منهنجو سوال هي آهي ته موجوده دور ۾ ڇا ٽول پلازه کان حد ختم ٿي ويندي؟ اهڙي طرح ڇا اڳئين شهر جي حد به ٽول پلازه کان شروع ٿي ويندي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

شهر جي آبادي ختم ٿيڻ يا شروع ٿيڻ جو دارومدار ٽول پلازه تي نٿو رکي سگهجي ڇوته اهو هرگز ضروري ناهي ته ٽول پلازه انهيءَ جاءِ تي هجي جتي شرعًا شهر جي متصل آبادي ختم ٿيندي هجي ۽ سفر ڪرڻ وارو ”شرعي مسافر“ ٿئي، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته شهر جي متصل آبادي ختم ٿيڻ کان بعد ٽول پلازه ٺاهيو ويندو آهي.

ٽول پلازا شهر جي سرڪاري حد جي اعتبار سان ٺاهيا ويندا آهن ۽ هن جي تعمير ۽ مقام جي تعين جي اعتبار سان سرڪاري محڪمي جا پنهنجا خاص معيار آهن، جڏهن ته ٻئي طرف سفر جا شرعي احڪام شهر جي آبادي جي متعلق هوندا آهن ۽ انهيءَ متصل آبادي کي شرعي نقطءِ نظر سان ”مِصر“ چيو ويندو آهي، تنهنڪري شرعي سفري احڪامن جي لاءِ سرڪاري حد ۽ ان جي بنياد تي ٺهيل ٽول پلازن جو اعتبار نه ٿيندو.

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

(4) زڪوات جو مال مدرسي تي خرچ ڪرڻ جو حڪم؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ڇا مدرسي جي اخراجات ۽ تعميرات تي زڪوات جي رقم يا سرون، سيمنٽ وغيره لڳائي سگهون ٿا ۽ ان جو ڇا طريقي ڪار آهي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

ڪنهن شرعي فقير کي مالڪ ٺاهڻ بغير ڊاريڪٽ مدرسي جي اخراجات ۽ تعميرات تي زڪوات جي رقم، سرون يا سيمنٽ وغيره لڳائڻ سان زڪوات ادا نه ٿيندي، ڇوته تَملِيڪ فقير يعني شرعي فقير کي زڪوات جو مالڪ بڻائڻ، زڪوات جو رڪن ۽ بنيادي شرط آهي، جڏهن ته ڊاريڪٽ مدرسي جي اخراجات ۽ تعميرات تي زڪوات جي رقم، سرون يا سيمنٽ وغيره لڳائڻ ۾ شرعي فقير کي مالڪ ٺاهيو نه پيو وڃي، تنهنڪري جڏهن بنيادي شرط ئي نه پاتي ويندي، ته زڪوات به ادا نه ٿيندي، البته ان جو جائز طريقو هي آهي ته ڪنهن شرعي فقير کي زڪوات جي نيت سان رقم يا ٻي ڪنهن سامان جو مالڪ ٺاهيو وڃي، پوءِ اهو پنهنجي طرفان مدرسي جي سيني خرچن ۾ استعمال

ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي، تہ هاڻي ان رقم ۾ سامان کي مدرسي جي تعميرات ۾ تمام اخراجات ۾ لڳائي سگهو ٿا.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

(5) ڇا زڪوات جي رقم مان افطاري ڪرائي سگهجي ٿي؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ ڇا زڪوات جي رقم مان افطاري ڪرائي سگهجي ٿي، مثال طور هڪ شخص پنهنجي زڪوات جي رقم مان افطاري جو ڪجهہ سامان خريدي ۽ ڪاڌو تيار ڪرائي، پوءِ پنهنجي گهر ۾ علائقي وارن کي (جنهن ۾ امير ۽ غريب شامل ٿين) گهرائي ۽ انهن کي اتي ويهاري ڪري افطاري ڪرائي ۽ ڪاڌو بہ کارائي، تہ ڇا هن طرح زڪوات ادا ٿي ويندي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

سٺي نيت سان مسلمانن کي افطاري ڪرائڻ ۽ ڪاڌو کارائڻ يقيني طور ثواب جو ڪم آهي، احاديث مبارڪ ۾ ان جا ڪيئي فضائل بيان ڪيا ويا آهن، پر سوال ۾ ذڪر ڪيل طريقي جي مطابق افطاري جي لاءِ زڪوات جي رقم خرچ ڪرڻ شرعي طور جائز ناهي. زڪوات غريب ماڻهن جي لاءِ آهي نہ وري افطار پارٽين ۾ امير ۽ غريب تي خرچ ڪرڻ جي لاءِ آهي. هن ريت ڪرڻ سان زڪوات ادا نہ ٿيندي، ڇوتہ زڪوات جي ادائيگي جي لاءِ ڪنهن زڪوات جي مستحق کي زڪوات جي مال جو مالڪ بڻائڻ شرط آهي، نہ تہ زڪوات ادا نہ ٿيندي. پڇيل صورت ۾ هڪ تہ مستحقينِ زڪوات جو فرق ڪرڻ بغير امير ۽ غريب سڀئي افطاري ۾ شامل ٿي رهيا آهن ۽ ٻيو عام طور تي هن طرح جي افطار پارٽين ۾ ڪاڌي وارن کي ڪاڌي جو مالڪ ناهي بڻايو ويندو، بلڪ انهن کي فقط ڪاڌي جي اجازت ڏني ويندي آهي، تنهنڪري ان صورت ۾ زڪوات بہ ادا نہ ٿيندي.

زڪوات ان شخص کي ڏئي سگهو ٿا، جنهن وٽ سون، چاندي، روپيہ پيسا، مالِ تجارت يا حاجتِ اصليہ (يعني اهي شيون جن جي انسان کي حاجت رهندي آهي، جيئن رهائش گاهہ، خانہ داري (گهريلو انتظام) جو اهو سامان جنهن جي حاجت هجي، سواري ۽ پائڻ جا ڪپڙا وغيره ضرورياتِ زندگي) کان وڌيڪ سامان يا اهي سڀئي شيون ملي ڪري ايترو نہ ٿين جو جن جي قيمت ساڍا ٻاونجاهہ تولا چاندي جي ماليت جي برابر بڻجي، پڻ ان جو تعلق بنو هاشم مان بہ نہ هجي. (بنو هاشم مان مراد، حضرت عباس، حضرت علي، حضرت جعفر، حضرت عقيل، حضرت حارث بن عبدالمطلب رضی اللہ عنہم جي پاڪ اولاد آهي.)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

# مدني مذاڪري جا سوال جواب



## (1) شادي شده عورت جو پيءُ جي وراثت ۾ حصو

**سوال:** منهنجي پيءُ منهنجي پيڻ جي شادي ٿيڻ کان بعد زمين خريدي، ته ڇا ان ۾ منهنجي پيڻ جو حصو ٿيندو؟.

**جواب:** جيڪڏهن پيءُ جو انتقال ٿي ويو آهي ته بلڪل ان ۾ شادي شده پيڻ جو به حصو ٿيندو ڇو ته وراثت جو شادي سان ڪو تعلق ناهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 7 رمضان شریف 1441ھ)

## (2) ڊائليسز (Dialysis) جي دوران روزا رکڻ

**سوال:** ڊائليسز (Dialysis) جي دوران روزا رکي سگهون ٿا؟

**جواب:** ڊائليسز (Dialysis) جي دوران روزا رکي سگهو ٿا جڏهن ته روزا برداشت ڪري سگهندا هجو جان جو خطرو، مرض وڌي وڃڻ جو خطرو يا روزو رکڻ سان مرض دير ۾ صحيح ٿيڻ واري ڪيفيت نه هجي ته روزو رکي سگهو ٿا بلڪ اهڙي صورت ۾ روزو رکڻ فرض آهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 5 رمضان شریف 1441ھ)

## (3) جيڪو "سيّد" نه هجي ان کي "ياسيّدي" چوڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** هڪ شخص "سيّد" ناهي ته ڇا ان کي "ياسيّدي" چئي ڪري سڏڻ جائز آهي؟

**جواب:** جيڪو سيّد ناهي ان کي "سيّد" چوڻ گناهه آهي پر "ياسيّدي" چوڻ بي ڳالهه آهي ڇوته "ياسيّدي" جي معنٰي آهي "اي منهنجا سردار يا اي منهنجا آقا" اهو احترام جو لفظ آهي جيڪو غير سيد جي لاءِ به استعمال ٿيندو آهي، عرب دنيا ۾ اڪثر بزرگن ۽ عالمَ سڳورن کي "ياسيّدي" چوندا آهن. اسان وٽ پاڪستان ۾ اردو ڳالهائڻ وارن ۾ ان جو رواج گهٽ آهي، البت "ياسيّدي" چوڻ ۾ حرج ناهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عصر، 9 رمضان شریف 1441ھ)

## (4) ڇا زندگي ۾ هڪ ڀيرو قرآن ڪريم پڙهڻ فرض آهي؟

سوال: ڇا زندگي ۾ هڪ ڀيرو قرآن ڪريم پڙهڻ فرض آهي؟

جواب: زندگي ۾ هڪ ڀيرو قرآن ڪريم پڙهڻ فرض ناهي بلڪ گهٽ ۾ گهٽ هڪ آيت جو ياد هجڻ فرض آهي جنهن سان نماز جو فرض ادا ٿي وڃي، سورت فاتحه ۽ هڪ ننڍي سورت يا ان جي برابر آيت يا ان جو حصو ياد ڪرڻ واجب آهي جنهن سان نماز ۾ قرآن پڙهڻ جو جيڪو وجوب آهي اهو ادا ٿي وڃي.

(بہارِ شریعت، 545/1ماخوذاً)

جيڪڏهن ڪنهن زندگي ۾ هڪ ڀيرو به پورو قرآن نه پڙهيو ته تڏهن به اهو گنهگار ناهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عصر، 7رمضان شریف 1441ھ)

## (5) پيءُ جو پنهنجي پٽ کي زڪوات ڏيڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا پيءُ پنهنجي پٽ کي زڪوات ڏئي سگهي ٿو.

جواب: جي نه! پيءُ پنهنجي پٽ کي زڪوات نٿو ڏئي سگهي.

(ردالمحتار، 344/3-مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 8رمضان شریف 1441ھ)

## (6) ڇا بصر جي ڪوڙاڻ سبب روزو ٽٽي پوندو؟

سوال: بصر جي ڪوڙاڻ اکين ۾ لڳندي آهي ته ڇا ان سان روزو ٽٽي پوندو آهي؟

جواب: جڏهن بصر ڪٽيو ويندو آهي ته ان جي سبب اکين ۾ ٽيڻ واري جلن سان روزو ناهي ٽٽندو.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عصر، 8رمضان شریف 1441ھ)

## (7) عورتون ”غوث پاڪ جي غلامن“ جي جاءِ تي ڇا چون؟

سوال: بيعت ڪرائڻ وقت اوهان آخر ۾ هيءَ دعا ڪرائيندا آهيو ته ”اسان کي غوث پاڪ جي غلامن ۾ اٿار“ اسلامي ڀينرن جي طرفان سوال آهي ته ڇا اسان غلامن جي جاءِ تي ٻانهي چونديون ڪيون؟

جواب: ”غلامن ۾ اٿار“ چونديون ڪيو. جيئن ته ”يَاَيُّهَا النَّاس يعني اي انسانو!“ ۾ مرد ۽ عورت ٻئي شامل آهن ۽ عورتن جي لاءِ الڳ سان لفظ ناهي چيو ويندو. هاڻي جيڪڏهن عورتون غلام جي جاءِ تي ڪو ٻيو لفظ چونديون ته مشڪل ٿيندي ته ٻانهي چئون يا نوڪرياڻي: ۽ عوام انهن لفظن سان گهڻو واقف ناهي ان ڪري غلام ئي بهتر آهي ڇوته اهو گهڻو مشهور آهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 9رمضان شریف 1441ھ)

## (8) ”نمازِ وتر“ ۾ ڪهڙي نيت ڪيون؟

سوال: نمازن ۾ اسان وقت جي نيت ڪندا آهيون، مثال طور فجر ۾ فجر جي وقت جي، ظهر ۾ ظهر جي وقت جي، ته نمازِ وتر ادا ڪندي وقت ڪنهن وقت جي

نيت ڪيون؟

جواب: ٽي رڪعت وتر واجب جي ئي نيت ڪنداسين، وقت عشاء چوڻ شرط ناهي، چو ته يقيني ڳالھ آهي ته نمازِ وتر عشاء ۾ ئي ٿيندي آهي پڻ دل ۾ نيت هئڻ ڪافي آهي، زبان سان چوڻ به ضروري ناهي، البت دل ۾ نيت هوندي زبان سان چوڻ مستحب آهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 10 رمضان شریف 1441ھ)

## (9) روزو ڪنهن شيءِ سان افطار ڪيون؟

سوال: روزو ڪنهن شيءِ سان افطار ڪرڻ گهرجي؟

جواب: کجور سان افطار ڪيو جو هي سنت آهي، ڪجھ ميسر نه هجي ته پاڻي سان افطار ڪيو جو هن سان به سنت ادا ٿي ويندي.

(ابو داؤد، 2/447، حدیث: 2356 ماخوذاً)

ياد رکو! جيڪڏهن کجور کائڻ کان پوءِ ان جا ذرڙا ڏندن ۾ رهجي وڃن يا وات ۾ مناس ۽ ذائقو باقي هجي ته ان حالت ۾ نماز پڙهن سنت ناهي، لهٰذا نماز کان پهريان ڏندن کي چڱي طرح صاف ڪيو ته جيئن وات مان کجور جي مناس بلڪل ختم ٿي وڃي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، پہلی رمضان شریف 1441ھ)

## (10) عورت جو نڪ نه ٽوپائڻ ڪيئن آهي؟

سوال: جيڪڏهن عورت نڪ نه ٽوپائي ته ڇا اها گنهگار ٿيندي؟

جواب: گناھ ناهي. هيئنر ته شايد عورتن جي نڪ ٽوپائڻ جو رواج گهٽ ٿي ويو آهي، ان جي جاءِ تي اسٽيڪر جمائي ڇڏيندیون آهن.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 10 رمضان شریف 1441ھ)

## (11) مرغي جي نرم هڏي چٻاڙڻ ڪيئن؟

سوال: مرغي جي گوشت ۾ جيڪا نرم هڏي هوندي آهي ان کي چٻاڙڻ ڪيئن آهي؟

جواب: ان کي ڪرٽڙو هڏو چوندا آهن، اهو سفيد هڏو ٻڪر وغيره ۾ به هوندو آهي اهو حلال آهي، تنهنڪري هن کي کائي سگهو ٿا. ماڻهو ان کي اڇلائي ڇڏيندا آهن، اڇلڻ نه گهرجي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 10 رمضان شریف 1441ھ)

## (12) روزي ۾ انهيلر (Inhaler) استعمال ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: جيڪڏهن ڪو ساهه جو مريض هجي ته ڇا اهو روزي ۾ انهيلر جو استعمال ڪري سگهي ٿو.؟

(فتاویٰ اہلِ سنّت، قسط 9، ص 20- مدنی مذاکرہ، 25 شعبان شریف 1441ھ)

جواب: بلڪل نه! روزي جي حالت ۾ انهيلر (Inhaler) جو استعمال نٿا ڪري سگهو.

(فتاویٰ اہلِ سنّت، قسط 9، ص 20- مدنی مذاکرہ، 25 شعبان شریف 1441ھ)

## (13) گهر ۾ گهوڙي جي پيرن ۾ لڳل لوهه جو گول چڪرو يعني نالُ لڳائڻ ڪيئن؟

سوال: گهوڙي جو نالُ گهر ۾ لڳائڻ جي ڇا حقيقت آهي؟

جواب: مون کي ياد نہ ٿو اچي تہ مون هن نال جي باري ۾ ڪاٿي پڙهيو هجي، پر اهو هڪ مباح يعني جائز ڪم آهي. ڪجھ ماڻهو دروازي تي گهوڙي جو استعمال شده نال لڳائيندا آهن، انهن جو اهو ذهن هوندو آهي تہ هن سان گهر جي حفاظت ٿيندي آهي ۽ بلائون ٽرنديون آهن. هن کي دروازي تي لڳائڻ ۾ ڪو حرج ناهي ڇو تہ نال کي گهر ۾ لڳائڻ حفاظت جو هڪ ٽوٽڪو آهي ۽ جيڪي ٽوٽڪا شريعت سان ناهن ٽڪرائيندا اهي جائز هوندا آهن.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، پہلی رمضان شریف 1441ھ)



مولانا محمد نواز عطاري مدني

# ڪجهه نيڪيون ڪمائي وٺو

مُفَسِّرِشَهِيرحڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: معمولي نيڪي کي بہ معمولي سمجهي ڪري ڇڏي نہ ڏيو! ڪڏهن هڪ قطرو جان بچائي وٺندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ننڍو عمل بخشش جو ذريعو بڻجي وڃي ۽ ڪو معمولي گناهہ ننڍو سمجهي ڪري نہ ڪيو! ڪڏهن ننڍي چڻگ سڄو گهر ساڙي وجهندي آهي.[1]

بخشش جو سبب بڻجڻ وارين 4 نيڪين جي متعلق 4 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ فرمايو.

(1) شب براءت ۾ بخشش گهرڻ "جڏهن پندرهن شعبان جي رات اچي تہ ان ۾ قيام(يعني عبادت) ڪيو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو. بيشڪ الله پاڪ سج لهڻ کان آسمانِ دنيا تي خاص تجلي فرمائيندو ۽ چوندو آهي:" آهي ڪو مون کان بخشش گهرڻ وارو تہ مان ان کي بخشي ڇڏيان! "جڏهن تہ هڪ روايت ۾ آهي" الله پاڪ (ان رات ۾) بخشش گهرڻ وارن کي بخشي ڇڏيندو آهي."[2]

(2) هر جمعي جو والدين جي قبرن جي زيارت ڪرڻ "جيڪو شخص هر جمعي تي پنهجي والدين يا انهن مان هڪ جي قبر جي زيارت ڪري، ان جي مغفرت ڪئي ويندي ۽ ان کي(ماءُ پيءُ سان) ڀلائي ڪرڻ وارو لکيو ويندو."[3] بهتر آهي تہ هر جمعي جي ڏينهن والدين جي قبرن جي زيارت ڪندا ڪيو، جيڪڏهن اتي حاضري ميسر نہ هجي تہ هر جمعي تي انهن جي لاءِ ايصالِ ثواب ڪندو ڪري. (پڻ) ماءُ پيءُ جي قبرن جي زيارت ڪرڻ وارو چڻ تہ اجان بہ انهن جي خدمت ڪري رهيو آهي. جيڪو ثواب سندن زندگي ۾ انهن جي خدمت ڪرڻ جو آهي اهو ئي ثواب سندن وفات کان بعد انهن جي قبرن جي زيارت جو آهي.[4]

(3) زال مڙس جو رات جو جاڳي الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ " جيڪو

شخص رات جو جاڳي پنهنجي گهر واريءَ کي جاڳائيندو آهي، جيڪڏهن سندس گهر واريءَ تي ننڊ غالب هوندي آهي تہ ان جي منهن تي پاڻي ڇڙڪيندو آهي، پوءِ اهي ٻئي اٿي پنهنجي گهر ۾ رات جي پهر ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪندا آهن تہ انهن ٻنهي جي بخشش ڪئي ويندي آهي.(5)

**(4) مصافحو ڪندي مسلمان ڀاءُ جي سامهون مسڪرائڻ:** بيشڪ جڏهن ٻہ مسلمان هڪ ٻئي سان ملندا ۽ مصافحو ڪندا آهن، ٻنهي مان هر هڪ هڪٻئي جي سامهون الله ئي(جي رضا) جي لاءِ مسڪرائيندو آهي تہ انهن جي جدا ٿيڻ کان پهريان ئي انهن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.(6)

**(5) مسلمان ڀاءُ کي وهاڻو پيش ڪرڻ:** ڪو مسلمان ڀاءُ ڪنهن مسلمان ڀاءُ وٽ وڃي ۽ اهو (ميزبان) ان اچڻ واري کي عزت ڏيندي پنهنجو وهاڻو ان کي ڏئي تہ الله پاڪ ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندو آهي.(7)

(1) مرأة المناجيح،4/243

(2) ابن ماجہ،2/160،حديث:1388-شعب الايمان، 3/383، حديث:3835

(3) شعب الايمان،6/201،حديث:7901

(4) مرأة المناجيح،2/526ملتقطاً

(5) معجم کبير،3/295،حديث:48

(6)معجم اوسط، 5/366، حديث: 7630

(7)مستدرک،4/ 783،حديث : 6601۔

بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِمۡ جا فرمانَ

# روزن جي اهميت ۽ فضيلت ۽ بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِمۡ



سيد عمران اخترعطاري مدني

## مولاءِ ڪائنات جي پسند

مون کي دنيا ۾ ٽي شيون پسند آهن: (1) اَلضَّرۡبُ بِالسَّيۡفِ يعني تلوار سان جهاد ڪرڻ (3) اَلصَّوۡمُ بِالصَّيۡفِ يعني گرمي جا روزا رکڻ ۽ (3) اِكۡرَامُ الضَّيۡفِ مهمان جي مهمان نوازي ڪرڻ (ارشادِ مولٰي عليُّ المرتضٰي رَضِیَ اللهُ عَنۡه)

(روح البيان، پ20، النمل، تحت الآية:62، 6/264)

## حافظي جي قوت وڌائڻ وارو نسخو

ٽي شيون قوتِ حافظ ۾ اضافو ڪنديون ۽ بلغم کي ختم ڪنديون آهن: (1) مسواڪ ڪرڻ (2) روزا رکڻ (03) قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ. (ارشادِ مولٰي عليُّ المرتضٰي رَضِیَ اللهُ عَنۡه)

(احياء العلوم، 1/364)

## ٿڌي غنيمت

ڇا مان توهان کي ٿڌي غنيمت جي باري ۾ نه ٻڌايان؟ ماڻهن پڇيو: اها ڇا آهي؟ فرمايائون: سردين ۾ روزا رکڻ. (ارشادِ مولٰي عليُّ المرتضٰي رَضِیَ اللهُ عَنۡه)

(الزهد لامام احمد، حديث:976، ص197)

## دل جي دوا

دل جي دوا جون پنج شيون آهن: غور فڪر سان قرآن پڙهڻ، پيٽ کي(روزو رکي) خالي رکڻ، رات جو عبادت ڪرڻ، سحر جي وقت آهه و زاري ڪرڻ ۽ نيڪن سان اٿڻ ويهڻ. (ارشادِ حضرت ابراهيم خوّاص رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه)

(طبقات الاولياء، ص17)

## شيطاني هٿيار کي ٽوڙڻ وارو عمل

روزو ان خواهش کي ٽوڙيندو آهي جيڪا الله پاڪ جي دشمن شيطان جو هٿيار آهي. (ارشادِ حضرت امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه)

(احياء العلوم، 1/355)

## حقيقي بادشاھ جي درٻار تائين پهچائڻ وارو عمل

نماز توهان کي اڌ رستي تائين پهچائيندي آهي، روزو بادشاھِ حقيقي(يعني الله پاڪ) جي دروازي تائين پهچائيندو آهي جڏهن ته صدقو ان جي درٻار ۾ داخل ڪري ڇڏيندو آهي. (ارشادِ حضرت عمر بن عبد العزيز رحمۃ اللہ علیہ)

(المستطرف،19/1)

## باھ کان اوٽ

روزو باھ کان اوٽ ۽ نيڪ ماڻهن جي درجات تائين پهچڻ جو سبب آهي. (ارشادِ شيخ ابو طالب مکي رحمۃ اللہ علیہ)

(قوت القلوب،161/1)




اسلام پنھنجي مڃڻ وارن جي هرحال ۾ ڀلائي ۽ خيرخواهي چاهي ٿو ان ڪري اسان جي دين ۾ هن ڳالھ جي گھڻي ترغيب ڏني ويندي آهي تہ اسان نيڪين ۾ واڌاري جي خوب ڪوشش ڪيون ۽ گناهن کان بچون، تہ جيئن جھنم کان آزادي ۽ الله پاڪ جي رضا حاصل ٿي، جيڪو زندگي جو اصل مقصد آهي. پڻ مؤمن جي شان بہ اهائي آهي تہ هُو نيڪين جو حريص هوندو آهي، هونئن تہ مسلمانن کي سڄو سال ئي نيڪ اعمال جي ڪوشش ڪرڻ گھرجي، پر خاص طور تي جڏهن شعبان المعظم جو مبارڪ مهينو تشريف ڪٺي اچي تہ نيڪ اعمال جي ڪوشش تمام گھڻي هجڻ گھرجي، ڇوتہ اسان جي پياري آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ جو بہ اهوئي معمول هيو تہ شعبان مهينوايندو هو تہ نيڪين ۾ خوب اضافو ۽ ان جو اهتمام ڪندا هئا جيئن تہ هڪ ڀيري اُسامہ بن زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُما عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان کي ڏسندو آهيان تہ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن بہ مهيني ۾ هن طرح روزا ناهيو رکندا جھڙي طرح شعبان جا روزا رکندا آهيو. فرمايائون: رجب ۽ رمضان جي وچ ۾ هي مهينو آهي، ماڻهو هن کان غافل آهن. هن ۾ ماڻهن جا اعمال الله پاڪ جي بارگاھ جي طرف کنيا ويندا آهن ۽ مون کي هي محبوب آهي تہ منھنجو عمل هن حال ۾ کنيو وڃي جو مان روزيدار هجان.

(نسائي، ص387، حديث: 2354)

غنيةُ الطالبين ۾ آهي تہ شعبان مهيني جو چنڊ نظر ايندي ئي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تلاوت قرآن ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، مُسلمان پنھنجي مالن جي زڪوات ڪڍندا هئا تہ جيئن غريب ۽ مسڪين مُسلمان رمضان جي مهيني جي روزن جي لاءِ تياري ڪري سگھن، حاڪم قيدين کي گھرائي جنھن کي شرعي سزا ڏيڻي هوندي هئي اُن کي سزا ڏيندا هئا، باقي سڀني کي آزاد ڪري ڇڏيندا هئا، تاجر پنھنجا قرض ادا ڪري ڇڏيندا هئا، ٻين کان پنھنجا قرض

وصول ڪري وٺندا هئا ۽ رمضان شريف جو چنڊ نظر ايندي ئي غسل ڪري (بعض حضرات) اعتڪاف ۾ ويهي رهندا هئا.
(غنية الطالبين، 1/341)

عورتن ڪي گهرجي ته ممڪن صورت ۾ هن مهيني خاص طور پندرهين شعبان جي رات خوب عبادت ڪن، ڏينهن روزي ۾ گذارين. ۽ جيڪڏهن اسان کي شوق هجي ته اسان جون نيڪيون وڌي وڃن ته اسان کي پنهنجي اطراف ۾ اهڙو ئي ماحول رکڻو پوندو جنهن ۾نيڪيون ڪرڻ آسان ٿين، ڪيئي نيڪيون اهڙيون هونديون آهن جو جن جي لاءِ الڳ وقت ڪڍڻ جي ضرورت ناهي هوندي بلڪ صرف توجه جي ضرورت هوندي آهي، جيئن ته ☆ چڱيون نيتون ڪرڻ☆ هر جائز ڪم "بسم الله" پڙهي ڪري شروع ڪرڻ ☆ مختلف سنتن تي عمل ڪرڻ. ☆ سلام ۾ پيش قدمي ڪرڻ. ☆ محارم ۽ اسلامي ڀينرن کان خوش اخلاقي سان پيش اچڻ. ☆ مسلمان ڀيڻ کان مسڪرائي ملڻ وغيره.

اهڙي طرح بيشمار نيڪيون اهڙيون به آهن جو جن ۾ محنت ۽ مشقت گهٽ هوندي آهي، پر ثواب تمام گهڻو هوندو آهي، جيئن ته ☆ ذڪرالله ڪرڻ. ☆ تلاوت قرآن ڪريم ڪرڻ. ☆ درود پاڪ پڙهڻ. ☆ وضو جي شروع ۾ "بِسۡمِ اللهِ وَالۡحَمۡدُ لله"پڙهڻ ☆ باوضو رهڻ. ☆ نيڪي جي دعوت ڏيڻ.

☆ اسلامي ڀينرن جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ. ☆ شڪر ادا ڪرڻ. ☆ ايصال ثواب ڪرڻ. ☆ مسلمانن جي لاءِ دعا مغفرت ڪرڻ. ☆ نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ وغيره. الله ڪري اسان نيڪيون ڪمائڻ جو موقعو هٿ مان نه وڃڻ ڏيون، پڻ هن مهيني جي برڪت سان نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ ۾ استقامت نصيب ٿي وڃي.



# ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:
انسان سڀ کان پھريون تحفو ٻار کي نالي جو ڏيندو آھي تنھنڪري ان کي گھرجي تہ ان جو نالو چڱو رکي.(جمع الجوامع،3/ 285،حديث:8875)
ھتي ٻارن ۽ ٻارڙين جي لاءِ 6 نالا، انھن جي معنيٰ ۽ نسبتن سان گڏ پيش ڪيا پيا وڃن.

نالو: عبدالله معنيٰ: الله جو ٻانھو نسبت: الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي والد صاحب جو نالو

نالو: اَحسَن معنيٰ: جنھن ۾ چڱيون صفتون جمع ھجن نسبت: الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو صفاتي نالو

نالو: اِبراھيم معنيٰ: مھربان پيءُ نسبت: الله جي نبي عَلَیْہِ السَّلَام جو نالو مبارڪ

نالو: آمنہ معنيٰ: مطمئن/ بي خوف نسبت: الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي امڙ سائڻ جو نالو

نالو: ميمونہ معنيٰ: برڪت واري نسبت: الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ھڪ گھرواري جو نالو

نالو: فاطمہ معنيٰ: جھنم جي باھ کان ڇڏائڻ واري نسبت: الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڌيءَ مبارڪ جو نالو



مولانا محمد اسد عطاري مدني

# خوابن جي تعبير

**خواب:** مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته سيئي گهر وارا هڪ نئين جڳهه ۾ آهن، اتي ڪيترائي سائي رنگ جا طوطا آهن ۽ اسان آسانيءَ سان انهن کي پڪڙي پڃري ۾ وجهون پيا، ان جي ڇا تعبير آهي.

**تعبير:** سٺو خواب آهي گهر ۾ خير ۽ برڪت ۽ آسائشن ۾ گهڻائي جي نشاني آهي.

**خواب:** مون کي حقيقت ۾ اُوچائي کان ڊپ لڳندو آهي ۽ مون ڪيئي ڀيرا خواب ۾ به پاڻ کي اوچائي کان ڪرندي ڏٺو آهي، ته ان جي ڇا تعبير آهي.

**تعبير:** حالات جي تبديل ٿيڻ جي علامت آهي، جيڪڏهن ڪنهن آزمائش ۾ مبتلا هئا ته الله پاڪ آساني عطا فرمائيندو.

**خواب:** خواب ۾ مسلسل گهر جي ڪنهن فرد کي روئيندو ڏسڻ ڪيئن آهي؟

**تعبير:** روئڻ پريشاني ۽ غم جي علامت آهي.

**خواب:** مان خواب ۾ سيني جي لاءِ دعا گهري رهيو آهيان ۽ مون سان گڏ دعا ۾ جيترا ماڻهو شريڪ آهن سيئي آمين چئي رهيا آهن. براءِ ڪرم! هن جي تعبير ٻڌايو.

**تعبير:** سٺو خواب آهي. دعا عبادت جو مغز آهي. خواب ڏسڻ واري کي نيڪي تي توفيق نصيب ٿيندي.

**خواب:** مون خواب ۾ پنهنجي ڀيڻ کي دال چانور پچائيندي ۽ کائيندي ڏٺو آهي. هن جي تعبير ٻڌايو.

**تعبير:** هن جي ڪا تعبير ناهي عام حالتن بابت خواب آهي، اڪثر اسان اهڙا ڪم ڪندا رهندا آهيون.

**خواب:** اَلْحَمْدُ لِلّٰه منهنجا والدين حيات آهن، الله پاڪ انهن کي صحت ۽ عافيت ۽ نيڪين ڀري ڊگهي عمر عطا فرمائي، اٰمين. مون خواب ڏٺو ته منهنجا والدين انتقال

ڪري ويا آهن، براءِ ڪرم! ان جي تعبير ٻڌائجو.

**تعبير:** ان خواب جي ڪري پريشان نہ ٿيو والدين جي ڊگهي عمر جي لاءِ دعا ڪيو. هن طرح جي خواب جي تعبير ماں موت اچڻ لازمي ناهي.

**خواب:** جيڪڏهن ڪو خواب ۾ پنهنجي ڏندن کي ٽٽندي ڏسي تہ ان جي ڪهڙي تعبير ٿيندي؟

**تعبير:** سنو خواب آهي خواب ڏسڻ واري جي ڊگهي عمر جي علامت آهي. اسان مان هر هڪ ڊگهي عمر چاهيندو آهي پر نيڪين ڀري ڊگهي عمر جي تمنا ڪرڻ گهرجي.

**خواب:** مون خواب ڏٺو تہ منهنجي اکين مان رت وهي رهيو هو ۽ مون کي رت جي الٽي (قيءِ) اچي رهي هئي.

**تعبير:** خواب سنو ناهي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عافيت جي دعا ڪيو ۽ ڪجهہ صدقو بہ ڪيو ڇو تہ صدقو آفتن ۽ مصيبتن کي ٽاريندو آهي.

**خواب:** مان اڪثر خواب ۾ پاڻ کي هوا ۾ اڏامندو ڏسندو آهيان، هن جي ڇا تعبير ٿيندي؟

**تعبير:** هوا ۾ اُڏرڻ جيڪڏهن درست طور تي هجي تہ تعبير جي اعتبار سان سنو آهي. حالات جي بدلڻ جو دليل آهي. پريشان شخص جي لاءِ آسائش ۽ مشڪل ۾ هئڻ واري جي لاءِ نجات جو دليل آهي.

والدين جي نانءُ



# تون يا اوھان؟

4 سال جي ننڍڙي ھانيہ نور ڊوڙندي مون وٽ آئي ۽ چيائين: بابا جان! بابا جان! ادا چادر ويڙھي سُتو پيو آھي، ھو اٿي ئي نہ ٿو.

مون چيو: ادا کي وڃي چئہ! جلدي مان اٿن، نہ تہ مان اچان ٿو. ھانيہ نور منھنجا الفاظ ياءُ کي ورجايا. پر ھتي ھڪ غلط فھمي ٿي وئي. ٿيو ائين جو نورالحسن ننڊ ۾ ھو، ان لفظ ”نہ تہ“ مان سمجھو تہ شايد ھانيہ کيس ”تون“ چئي سڏيو آھي. جيئن تہ ان يڪدم ھانيہ جي سامھون تنبيھي سوال ڪيو”تون“ ڇا ٿيندو آھي؟

دراصل گھر ۾ اسان جي ممڪن ڪوشش ھوندي آھي تہ ٻارن کي ”اوھان“ چئي سڏيون ۽ جيڪڏھن ٻار ڪڏھن”تون“ چوندا آھن تہ انھن کي ٽوڪيو ويندو آھي تہ ھي ”تون“ ڇا ٿيندو آھي؟ ”اوھان“ چوندا ڪريو، سو انھيءَ ڪري نورالحسن بہ ننڍي ڀيڻ کي ٽوڪي ورتو.

ھانيہ نور ياءُ جو سوال ٻڌي ڪري وري ڀڄندي مون وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي: بابا جان! ادا چئي رھيا آھن: ھي”تون“ ڇا ٿيندو آھي؟ مون کي ٻارن جي ھن گفتگو تي حيرانگي ٿي، انڪري مون چيو: ”تون“ ڪنھن چيو آھي؟ ادا کي وڃي چئو: جلدي مان اٿي وٺي! ھانيہ نور ڀڄندي نورالحسن ڏي وئي ڪجھہ الفاظ ورجايائين ۽ وري ڪچن ۾ وڃي پنھنجي امڙ کي سچو قصو ٻڌايو، ان کان بعد وري ھانيہ نور مون وٽ آئي، مون پيھر چيو تہ ادا کي وڃي چئہ: ادا! باباسائين چئي رھيو آھي تہ ”اوھان“ جلدي مان اٿي وٺو.

ھانيہ نور وري ڊوڙندي وئي ۽ پنھنجي ياءُ کي چوڻ لڳي تہ بابا سائين! ”اوھان“ چيو آھي ”تون“ ناھي چيو.

مان ان سموري وقت ۾ پنھنجي ليپ ٽاپ تي ”فنِ ترجمہ نگاري“ جي حوالي سان ڪجھہ لکڻ ۾ مصروف ھيس پر ڪَن ۽ دماغ ٻارن جي انھن ڳالھين ڏانھن ھا تہ سوچيم تہ انھن ڳالھين کي لکي وٺان تہ جيئن ٻين جي لاءِ اولاد جي تربيت ۾ فائدي مند ٿئي.

محترم والدين! ٻار اسان جي ھر ھر لفظ ۽ ادا مان سکندا آھن. ٻارن جي”سٺي تربيت“ ۽ ”نيڪ مستقبل جي تمنا“ آھي تہ اسان کي پنھنجي انداز ۽ ڪردار تي تمام گھڻي توجھہ ڏيڻي پوندي، خاص ڪري ٻارن کي ۽ ٻارن جي سامھون ٻين کي سڏڻ جو انداز نھايت قابلِ غور آھي. لھٰذا ڪوشش ڪيو تہ گھر ۾ ھجو يا ٻاھر، دڪان تي ھجو يا آفيس ۾، ھر ھنڌ ”تون“ جي بدران ”اوھان“ چوڻ جي عادت ٺاھيو.

اوھان چوڻ جو ھڪ الڳ ئي نفسياتي اثر بہ ٿيندو آھي. جنھن کي اوھان چئي سڏيو وڃي اھو پنھنجي عزت ۽ احترام محسوس ڪندو آھي ۽ نتيجي طور گھرائڻ واري کي بہ اھميت ۽ عزت ڏيندو آھي.

چوٿو جي ڪهاڻي



مولانا حيدرعلي مدني

# آپي جي پيپرشيٽ

بريڪ ٽائيم جي گهنٽي وڄڻ سان ئي سيئي ٻار ڪينٽين طرف ڊوڙڻ لڳا، چوٿو بہ سيني ٻارن سان گڏ تيز تيز قدمن کان هلندي ڪينٽين جي سامهون لڳل قطار ۾ اچي بيٺو. اڄ تہ چوٿو ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو هو ڇوتہ پنجاب کان آيل ماسيءَ واپسي وقت چوٿو جي ماءُ جي منع ڪرڻ باوجود پنجاهہ جا ڪڙڪ نوٽ چوٿو جي کيسي ۾ زبردستي وجهي ڇڏيا هئا ۽ اڄ اهي ئي پيسا چوٿو اسڪول ۾ کڻي آيو هو ۽ هاڻي قطار ۾ بيهي سوچي رهيو هو تہ هڪ سموسو ۽ جوس جو ڊبو وٺڻ کان بعد جيڪي پيسا بچندا ان مان ڪو رانديڪو وٺندس. اهو سوچيندي سوچيندي چوٿو پيسا ڪڍي ڏنا ۽ وري کيسي ۾ رکي ڇڏيا. قطار ۾ اڳيان بيٺل ٻار چوٿو کي پيسا کيسي ۾ رکندي ڏسي ورتو هو. ٿوري دير کان بعد چوٿو کي چوڻ لڳو: چوٿو تون مون واري جاءِ تي اچ پر چوٿو صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي واري تي ئي سموسو ۽ جوس وٺي ڪلاس ۾ هليو ويو ۽ پنهنجي ڪرسي تي ويهي سموسي ۽ جوس جا مزا وٺڻ لڳو. تڏهن چوٿو ڏٺو تہ اهو ئي قطار وارو ٻار دروازي تي بيهي کيس سڏي رهيو آهي، چوٿو حيراني واري چهري سان ان وٽ پهتو ۽ چوڻ لڳو: جي ادا؟ اهو ٻار چوڻ لڳو: مون کي تنهنجي ڀيڻ موڪليو آهي اهي چون پيون تہ پنجاهہ روپيا ڏيو ان کي پيپر شيٽ وٺڻي آهي.

پر ڀيڻ تہ گهر مان پيپر شيٽ کڻي آئي هئي، چوٿو جواب ڏنو. ڀيڻ کي چئو تہ پاڻ اچي مون کان وٺي وڃي. ايترو چئي چوٿو واپس ڪلاس ۾ وڃڻ لڳو تہ اهو ڇوڪرو جلدي مان چوڻ لڳو: هيڏي ڏس اها ڪينٽين ۾ بيٺي آهي نٿي اچي سگهي، منهنجي ڀيڻ ان جي ڪلاس فيلو آهي تنهنڪري ان مون کي موڪليو آهي.

اهو ٻڌي چوٿو کيسي مان پنجاهہ روپيا ڪڍيا ۽ ان کي ڏئي ڇڏيا.

موڪل جي گهنٽي وڄڻ تي چوٿو ٻاهر آيو تہ والد صاحب پهريان ئي انتظار ڪري رهيو هو، چوٿو بيگ والد صاحب کي ڏني ۽ پاڻ ڀيڻ کي وٺڻ جي لاءِ هليو ويو. واپس ايندي موٽر سائيڪل تي ويهڻ وقت چوڻ لڳو: ڀيڻ واپس گهر ويندي ئي توکي منهنجا پنجاهہ روپيا واپس ڪرڻا آهن. ڪهڙا پنجاهہ روپيا؟ سندس ڀيڻ حيراني مان چيو.

چوٿو جلدي مان چوڻ لڳو: ايترو جلدي وسري ويئي؟ اهي ئي پنجاهہ روپيا جيڪي اڄ بريڪ ٽائيم ۾ ڇوڪري کي موڪلي گهرايا هئا پيپرشيٽ وٺڻ جي لاءِ.

ڪهڙو ڇوڪرو، ڪهڙي پيپرشيٽ؟ ۽ پيپرشيٽ تہ ڪلهہ ئي بابا سائين وٺي آيا هئا بازار مان اسان ٻنهي جي. اوهان کي

پيسا کپن تہ هونءَ ئي گهرو اهو کھڙو نئون طريقو آهي؟ سندس پيڻ جواب ڏنو. والد صاحب ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو، پيڻ جو يقين پريو جواب ٻڌي سمجهي ويا تہ اها مذاق نہ پئي ڪري بلڪ سچ چئي رهي آهي.

گهر پهچندي ئي چوٿو پنهنجي بيگ ڪمري ۾ رکي، پوءِ جوتا ۽ يونيفارم لاهڻ بغير جلدي مان ڏاڏيءَ جي ڪمري ۾ آيو ۽ اجوڪي ڏينهن جي سموري ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳو.

سجي ڳالهہ ٻڌي ڏاڏي سمجهي وئي تہ ان ٻار چوٿوءَ کي ڌوکو ڏنو آهي پوءِ پيار سان چيائين: چوٿو لڳي ٿو اوهان مدني چينل توجهہ سان نٿا ڏسو نہ تہ ايترو آساني سان ان ٻار جي ڌوکي جو شڪار نہ ٿيو ها.

پر کھڙو ڌوکو ڏاڏي ؟ ان تہ پيڻ جي لاءِ پيسا گهريا هئا؟ چوٿو چيو

پٽ جڏهن ان ٻار اوهان کان پيسا گريا هئا تہ اوهان جي ذميداري هئي تہ ان کي ڏيڻ بدران پاڻ پيڻ وٽ وجي پڇيو ها تہ اوهان کي پيسا گهرجن يا نہ. ڪڏهن بہ ڪنهن اجنبي انسان جي پيغام تي اکيون بند ڪري اعتبار نہ ڪرڻ گهرجي. خير! چوٿو پنجاهہ روپيا تہ سڀاڻي اسڪول ۾ پنهنجي ٽيچر کي ٻڌائي واپس وٺي سگهين ٿو ۽ ان ٻار جي اصلاح ڪرائي سگهين ٿو. مون کي يقين آهي تہ اڄ ملندڙ اهو سبق اوهان سڄي زندگي نہ ويساريندؤ تہ اجنبي ماڻهن جي چيل ڳالهہ تي تيستائين يقين نہ ڪرڻ گرجي جيستائين پنهنجي گهروارن کان پڇي نہ وٺجي. ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ اها تہ بغير ضرورت ڪڏهن بہ وڌيڪ پيسا اسڪول ناهن ڪٽي وڃبا.

اهو ٻڌي چوٿو آهستي هائو چيو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ ڪپڙا مٽائڻ هليو ويو.

پيارا ٻارو! اسان جي آس پاس ڪيئي سنا ماڻهو بہ هوندا آهن ۽ برا ماڻهو بہ هوندا آهن، برن ماڻهن مان ڪجهہ ڌوکي باز بہ هوندا آهن، مثال طور ڪڏهن ڪنهن کي ڪال ڪري چوندا آهن تہ اوهان جو ڏهہ لک جو انعام نڪتو آهي ۽ ان کي انعام جي لالچ ڏئي ڪجهہ اهم معلومات وٺڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ائين ڪجهہ ماڻهو ٻارن کي کائڻ پيئڻ يا رانديڪي جي لالچ ڏئي پاڻ وٽ گهرائيندا آهن ۽ وري انهن کي پڪڙي کڻي ويندا آهن، ڪڏهن ٻارن کي انهن جي پيءُ، ماءُ، پيڻ يا ڀاءُ وغيره جو نالي وٺي چوندا آهن تہ انهن مون کي چئي توکي گهرايو آهي، اچو! مون سان گڏ هلو. اسان کي اهڙي موقعي تي عقلمندي ۽ هوشياري سان ڪم وٺڻ گهرجي، اجنبي ماڻهن کان کائڻ پيئڻ جي شيءِ يا رانديڪو نہ وٺڻ گهرجي، جنهن کي نٿا سڃاڻو ان سان گڏ ڪاڏي بہ نہ وڃڻ گهرجي.

# شعبان ۽ رمضان شريف جا عجهة اهم واقعات

| تاريخ/مهينو/سال | نالو/واقعو | وڌيڪ معلومات جي لاءِ پڙهو |
|---|---|---|
| 2 شعبان شريف 150 ھ | يومِ وصال امامِ اعظم ابو حنيفه نعمان بن ثابت رحمۃ اللہ علیہ | لڙڪن جي برسات |
| 5 شعبان شريف 4 ھ | يومِ ولادت شهيدِ ڪربلا، امامِ عالي مقام حضرت سيدنا امام حسين رضی اللہ عنہ | امام حسين جون ڪرامتون |
| 21 شعبان شريف 673 ھ | يومِ وصال لعل شهباز قلندر، حضرت محمد عثمان مروندي حنفي قادري رحمۃ اللہ علیہ | --------- |
| شعبان شريف 9 ھ | يومِ وصال شهزادي رسول، حضرت امِّ ڪلثوم رضی اللہ عنہا | --------- |
| شعبان شريف 45 ھ | يومِ وصال امِّ المومنين حضرت حفصه رضی اللہ عنہا | --------- |
| پهرين رمضان شريف 471 ھ | يومِ ولادت غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رحمۃ اللہ علیہ | غوث پاڪ جا حالات |
| 3 رمضان شريف 11 ھ | يومِ وصال خاتون جنت حضرت فاطمة الزهراء رضی اللہ عنہا | --------- |
| 5 رمضان شريف 1406 ھ | يومِ وصال حضرت علامه عبدالمصطفٰي اعظمي رحمۃ اللہ علیہ | --------- |
| 15 شعبان شريف | جهنم کان نجات، رحمت، برڪت ۽ مغفرت حاصل ڪرڻ واري رات آقا جو مهينو | --------- |
| 10 رمضان شريف 10 سن نبوي | يومِ وصال امِّ المومنين حضرت خديجةُ الڪبرٰي رضی اللہ عنہا | --------- |

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلی اللہ علیہ والہ وسلم.

”ماهوار فيضان مدينہ“ جا شمارا دعوت اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net ۽ موبائل ايپليڪيشن ۾ موجود آهن.

# وظائف




## جيڪڏهن ڪم ۾ ڪاروبار ۾ دل نہ لڳي تہ

ياالله 101 ڀيرا ڪاغذ تي لکي تعويذ ٺاهي ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه جائز ڪم ۾ ڪاروبار ۾ حلال نوڪري ۾ دل لڳي ويندي.



## ٻار يا وڏو گم ٿي وڃي تہ

ٻار يا وڏو گُم ٿي وڃي تہ سڀئي گهر وارا ڪثرت سان ”يَاجَامِعُ يَامُعِيدُ“ جو ورد ڪن. الله پاڪ چاهيو تہ ملي ويندو.



## رزق جا دروازا کولڻ

”يَاوَهَّابُ“ 300 ڀيرا فجر جي نماز کان بعد پڙهو. اِنْ شَآءَاللّٰه روزگار جي پريشاني ختم ٿيندي.

(مدّت: 40 ڏينهن)



## اُڏوهي کان حفاظت

”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ“ 41 ڀيرا پڙهي ڪري ذخيرو ڪيل شين ۾ ڪتابن وغيره تي دم ڪيو وڃي تہ اُڏوهي ۾ ٻين ڪيڙن ماڪوڙن کان اِنْ شَآءَاللّٰه حفاظت ٿيندي.

# شب برات جي فضيلت

"شب برات" فارسي زبان جي ٻن لفظن جو مجموعو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نجات ۽ ڇوٽڪاري واري رات، ڇوته الله تعاليٰ هن رات ۾ پنهنجي ٻانهن جي بي حساب بخشش، مغفرت ۽ جهنم جي باهه کان نجات عطا فرمائيندو آهي، ان ڪري هن رات جو نالو شبِ برات پئجي ويو، هونئن ته شعبان المعظم جو سڄو مهينو فضيلتن ۽ برڪتن وارو آهي ڇوته الله جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "شعبان" کي پنهنجو مهينو قرار ڏنو آهي، ۽ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مهيني ۾ نفلي روزا رکڻ ٻين مهينن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پسند فرمائيندا هئا، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي ته "شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان الله تعاليٰ جو مهينو آهي". (الجامع الصغير: 4889) هن مبارڪ مهيني جي عظمت ۽ شان جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي جو شعبان جي مهيني کي تاجدار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ڏانهن منسوب فرمايو آهي، پر خاص طور تي شعبان جي پندرهين رات يعني شب برات جي حديثن ۾ وڏي فضيلت آئي آهي. حضرت سيدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائين ٿيون ته "مون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو ته الله تعاليٰ (خاص طور تي) چئن راتين ۾ ڀلائي جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي جن ۾ عيد الاضحيٰ جي رات، عيدالفطر جي رات، شعبان جي پندرهين رات جو ان رات ۾ مرڻ وارن جا نالا ۽ ماڻهن جو رزق ۽ (ان سال) حج ڪرڻ وارن جا نالا لکيا ويندا آهن، عرفه جي رات (فجر) جي آذان تائين". (الدر منثور ج 7،ص402) هڪ ٻي حديث ۾ ام المومنين حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان مروي آهي ته مون هڪڙي رات رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بستر تي نه ڏٺو ته (آئون سندن ڳولا ۾) نڪتيس ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بقيع جي قبرستان ۾ مون کي مليا ويا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو ته ڇا توهان کي ان ڳالهه جو خوف هو جو الله ۽ ان جو رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي حق تلفي ڪندا؟ مون عرض ڪيو ته يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون خيال ڪيو هو ته شايد اوهان ازواج مطهرات مان ڪنهن وٽ تشريف کڻي ويا هوندا، پاڻ سڳورن فرمايو بيشڪ الله تعالي شعبان جي پندرهين رات (يعني شب برات) ۾ آسمان دنيا تي تجلي فرمائيندو آهي،پوءِ قبيلي بني ڪلب جي ٻڪرين جي وارن کان وڌيڪ تعداد ۾ گناهگارن جي بخشش فرمائيندو آهي (جامع ترمذي:739 ) بنو ڪلب ٻڪرين جي گهڻائي جي ڪري سموري عرب ۾مشهور قبيلو هو، انهن جي ٻڪرين جي وارن جو تعداد ڪيترو هوندو؟ ان جي ڳڻپ انساني عقل کان مٿانهين آهي، الله تعاليٰ هن رات ۾ ان قبيلي جي ٻڪرين جي وارن کان وڌيڪ گناهگارن جي بخشش ۽ مغفرت فرمائيندو آهي. ان ڪري اچو ته هن ڀلاري رات ۾ عبادت جو اهتمام ڪريون ۽ الله جي حضور دعا ڪريون ته يا الله هن وقت دنيا ۾ جيڪو ڪرب جو عالم آهي ان مان سموري انسانيت کي نجات عطا فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم